ڊاڪٽر شير مهراڻي

اياز جانيءَ جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو

Abstract:

A Critical Analysis of the Poetry of Ayaz Jani (1967-2016)

Poetry is an art as well as aesthetical universe. In poetry the symmetry of words and ideas is essential. Without proper proportion of words and ideas, no poem can plant a good impact on its readers and listeners. Poetry is in fact the discovery of ideas of a poet. Poetry is not just the prearranged presentation of an inner thought and ideas of the poet, but it is actually the articulation of the thoughts and the ideas in that particular language. Ayaz Jani (1967-2016) was an admirable poet of Sindhi language. In his poetry he publicized new ideas. Love, peace, struggle, resistance, and romance were the basic themes of his poetry. In this research article, I have excavated different aspects of Jani's poetry. After undertaking a through study of his poetry, I have come to know that in his poetry he has prearranged positive and result orientated message for the society. No doubt his poetry is a collection of constructive and creative thoughts which are beneficial for common men.

هر شاعر فني توڙي فڪري طور بلندي ڏانهن سفر ڪري ٿو. شاعريءَ جي تاريخ تي طائرانہ نظر ڊوڙائڻ سان اسان کي خبر پوندي تہ لڳ ڀڳ هر شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ فني، فڪري توڙي نظرياتي طور تي تبديليون آنديون آهن. ڪڏهن اهي تبديليون قبول پون ٿيون تہ ڪڏهن ڪڏهن اهي تبديليون ڪن حلقن کي ڀانءِ ناهن بہ پونديون، پر شاعر ڇاڪاڻ تہ هڪ اهم تجربي مان گذري ٿو؛ ان ڪري شاعر تي ڪابہ بندش نٿي لڳائي سگهجي تہ "هن کي ڇا لکڻ گهرجي ۽ ڇا نہ لکڻ گهرجي؟" وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ تي ڏاڪا ملن ٿا. شروع ۾ هو عام محبوبہ يعني ڇوڪريءَ جي عشق ۾ شاعري ڪري ٿو، هن مرحلي تي وليم ورڊس ورٿ لاءِ محبوبہ جا ڳل، چپ، وار، ادائون ۽ انگ اهم آهن. ان کان پوءِ ٻي مرحلي تي هو فطرت ۽ فطري سونهن بابت شاعري ڪري ٿو، هن مرحلي تي پهاڙ، گل، هوائون، پکي، چنڊ، ڪڪر، مينهن، وڻ ۽ ٻيا فطري منظر هن جي لاءِ اهم آهن، ٽئين ۽ آخري مرحلي ۾ هو الوهيت/حقيقت

ڏانهن موٽي ٿو ۽ هن جي روح کي هڪ اج ورائي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ صوفياڻن تجربن کي بيان ڪري حقيقي خدا جي عشق ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ساڳي ريت شاهہ سائينءَ جي شاعري بہ گوناگون تجربن سان ڀري پئي آهي. رسڻ، پرچڻ، ملڻ، وڇڙڻ، عشق، سونهن، سچائي، قرباني، جدوجهد، مزاحمت، انسان دوستي ۽ وطن دوستي جهڙا موضوع سندس شاعريءَ ۾ جا بجا ملن ٿا. شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ مجازي ۽ حقيقي عشق جو جلوا بہ ملن ٿا تہ ڪردارن جي طفيل هو زندگيءَ کي معنويت بہ عطا ڪري ٿو ۽ زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿي وڃي ٿو. شيخ اياز جي شاعري پڻ فني توڙي فڪري لحاظ کان تبديل ٿيندي رهي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ رومانس ملي ٿو، وطن دوستي ملي ٿي، ترقي پسندي ۽ مزاحمت بہ ملي ٿي تہ آخر ۾ سندس شاعري سجدو ڪري ٿي. 'شاعريءَ جي سجدي' واري سندس تجربي تي گهڻي تنقيد بہ ٿي، پر اسان وري بہ چئون ٿا تہ ڪوئي بہ نقاد شاعر جي تجربي کي 'ڊڪٽيٽ' نٿو ڪري سگهي. البت ڊاڪٽر شهناز شورو جي شيخ اياز تي ڪيل تنقيد اهم آهي، جنهن ۾ هوءَ ڪجهہ بہ ڊڪٽيٽ تہ نٿي ڪري پر سندس اعتراض جائز آهي تہ "ڪي شيون جيڪڏهن شيخ اياز نہ لکي ها تہ سٺو." اهڙيءَ ريت اسان کي هر شاعر ۾ فڪري توڙي فني لحاظ کان ڪي تبديليون نظر ايندیون.

اياز جاني (۱۹۶۷ع-۲۰۱۶ع) جديد لهجي وارو جديد شاعر آهي. هن وٽ جذبي ۽ احساس جو نئون اظهار آهي؛ جيڪو ڪيس ٻين شاعرن کان الڳ ڪري ٿو. تاج بلوچ لکيو هو تہ "اياز جاني، اسان واري ٺهيءَ جي تسلسل جو شاعر آهي- پر هو اسان واري ٺهيءَ کان گهڻو ڌار ۽ مٿاهون آهي."(۱)

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اياز جاني جماليات ۽ رومانوي شاعر آهي، پر مزاحمت، وطن دوستي ۽ انسان دوستي پڻ سندس شاعريءَ جا اهم استعارا آهن. هن جي شاعريءَ ۾ 'لائوڊنيس' ۽ نعري بازي بنهہ ڪانهي.

اڳي ڪان اوپرو امبر
اڳي ڪان رات ياري آ
اڳي ڪان رات ڪاري آ
اسان جو من پکين جهڙو
اڳيان بيٺو شڪاري آ

اڳي ڪان رات ڪاري آ
پريان تو ٻُڪُ سنڌو مان
ڏسان تو ٻُڪ ۾ واري آ
اڳي ڪان رات ڪاري آ
هوا جا پر سڙي ويندا
لهوءَ سان لاٽ ٻاري آ
اڳي ڪان رات ڪاري آ

”اياز جاني جديد ترين شاعر آهي ۽ هن جو تخليقي تجربو هن وائيءَ ۾ زمين ۾ ڪُتل ڀالي جيان اڀري بيٺو آهي، جنهن ۾ ڪو نعرو ناهي.“(۲)

حقيقت ۾ ان ئي وائيءَ ۾ هڪ پاسي فطرت نگاري آهي تہ ٻئي پاسي وطن دوستي ۽ مزاحمت بہ آهي. سنڌو نديءَ مان پاڻيءَ جو ٻُڪ پرڻ ۽ ان ۾ واري پرجي وڃڻ؛ پاڻيءَ جي ان اٿاٺ جو نوحو آهي؛ جيڪو هر سوچيندڙ فرد ۽ ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ شخص لکڻ چاهيندو. جڏهن تہ آسمان جو اوپرو ٿي وڃڻ، رات جو ڀاري ۽ ڪاري ٿي وڃڻ، من جي پڪين اڳيان شڪاريءَ جو اچڻ، هوا جي پرن جو سڙڻ ڀرپور مزاحمتي استعارا آهن. اياز جاني پنهنجي ادراڪ ۽ ڏاهپ سان انهن استعارن جي آڌار مزاحمت جي اها ڪائنات خلقي ٿو؛ جنهن جي پاتال ۾ ’هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ‘ جو جذبو موجود آهي. ٻئي پاسي اياز جاني فطرت سان پڻ ٻي پناهہ پيار ڪندڙ شاعر لڳي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جا سوين رنگ پنهنجي عظيم حسناڪين سان نظر اچن ٿا.

“The aesthetics of nature can be understand to certain itself either with certain distinctive properties of natural phenomena that can be classified as aesthetic e.g., Beauty, Sublimity, grandeur or profusion, or with certain kinds of experience distinctively provoked by nature or certain kind of attitudes appropriately brought to nature.”(3)

فطرت اسان جي چوڌاري موجود انهن سيني شين جو اهڙو ميڙ آهي، جيڪي شيون گڏ هوندي بہ پنهنجي الڳ سڃاڻ قائم ڪن ٿيون. فطرت انهن سيني شين جي ڪُليت جو نالو آهي. مشهور فيلسوف ميلڪوم بڊ پنهنجي ڪتاب، ’فطرت جي جمالياتي واڪاڻ‘ ۾ لکي ٿو تہ،

“In one sense, everything is a part of nature for there is a sense in which nature is just the totality of everything.”(4)

مطلب تہ ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان فطرت سان

جُڙيل آهي. فطرت ۾ موجود سيني شين جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو هوندو آهي ۽ اهو ڳانڍاپو فطري سونهن کي وڌيڪ حسين بڻائي ٿو. فطري شين جو ميلاپ هڪ خوبصورت ۽ هم آهنگ ماحول کي جنم ڏئي ٿو.

“Nature in its ministry to man, is not only the material but is also the process and the result, All the parts incessantly work into each other’s hands for the profit of man. The wind sows the seed; the sun evaporates the sea; the wind blows the vapor to the field, the ice on the other side of the planet; condenses rain on this; the rain feeds the plant; the plant feeds the animal, and thus the endless circulations of the divine charity nourish man.”(5)

فطرت انسان جي ازلي ۽ اصلي دوست ۽ شفيق ماءُ وانگر آهي. فطرت جا سمورا رنگ انسان جي آسائش سان گڏ ان جي فائدي ۾ بہ هوندا آهن. جيئن هن فقري ۾ لکيل آهي تہ هوا ٻج پوکي ٿي، سج سمنڊ کي گرمائي ڪڪرن تائين پاڻي کڻي وري ان کي وسائي ٿو، مينهن وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن کي خوراڪ پڄائي ٿو. ڌرتي جاندارن کي خوراڪ ڏئي ٿي، اهڙيءَ ريت هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو هلندو رهي ٿو. شاعر پاڻ کي ان فطري سونهن جي سلسلن سان جوڙي رکي ٿو ۽ فطري سونهن کي محبوبہ جي سونهن جي ويجهو ڪٽي اچي ٿو. اياز جاني لکي ٿو،

نيٺ ڪهڙي پار ڏي ڪاهي بدن
ڪيستائين اڄ سان ساهي بدن
روشني، خوشبو، مٽي، بارش، هوا
سوچ ۾ آهيان تہ ڇا آهي بدن

هنن سٽن ۾ روشني، خوشبو، مٽي، بارش، هوا ۽ بدن کان ويندي هر طرف تائين سڀ ڪجهہ فطرت آهي، ۽ شاعر انهن سيني فطري لقائن ۾ شعري هم آهنگي پيدا ڪري سونهن ۾ واڌارو بہ ڪري ٿو تہ هڪ فڪري نقطو پڻ عيان ڪري ٿو تہ ’بدن آخر آهي ڇا؟‘ سندس سوال پڻ ڪيترائي فطري ۽ فڪري پرت کولي ٿو يا سندس هي سٽون:

پرهہ ڦٽيءَ جي چارن تائين پهتاسين
تنهنجي ڪارن وارن تائين پهتاسين
هلَ هنگامن کي اورانگهي ڪيئن الائي
گهر تائين ۽ ٻارن تائين پهتاسين

پرهه ڦٽي، چارا، ڪارا وار، گهر ۽ ٻار اهي سڀ پڻ فطري آهن. مطلب تہ هو فطرت جو بهترين عڪاس شاعر آهي.

ڊاڪٽر رسول ميمڻ لکيو آهي تہ، ”اياز جانيءَ وٽ سانت ڳالهائي ٿي ۽ رڙ سانت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. هن جي شاعري علامتن جي جهنگ ۾ لڪيل چيتي جيان ساهه کڻي ٿي. هو خاموشيءَ جي طلسم کي پڙهي ٿو تہ گمان جو آئينو چير چير ٿي هڪ ڏيک کي لاتعداد ڏيکن ۾ تبديل ڪري وجهي ٿو.

سانت ڳيهي ويندي، پنهنجي اندر جو
ڪو تہ ڪڙو ڪڙڪائي
ڪو محسوس ڪري، اوسيئڙو در جو
ڪو تہ ڪڙو ڪڙڪائي!“(٦)

اياز جانيءَ جي شاعريءَ جي فڪري خوبين ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ سندس شاعريءَ ۾ ’ڪنٽرادڪشن‘ يا تضاد موجود آهي. تضاد شاعريءَ جو حسن هوندو آهي. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ بہ تضاد موجود آهن. هڪ پاسي شاهه سائينءَ چيو آهي تہ ’ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي‘ يعني ذات اهم ناهي، جيڪو محنت ڪندو اهو ئي منزل ماڻيندو؛ ٻئي پاسي شاهه سائينءَ چيو آهي تہ ’موکي چوکي نہ ٿيئين، تون اصل اوچي ذات‘ يعني موکيءَ کان چڱائي ٿيٽي ئي ڪانہ هئي ڇاڪاڻ تہ هوءَ ذات ۾ گهٽ هئي. هڪ پاسي شاهه سائينءَ چيو آهي. ’هو چوني تون مہ چئو، واتان ورائي‘ يعني جيڪڏهن ڪوئي توهان کي گهٽ وڌ چئي بہ سهي تہ توهان ان سان ساڳي لهجي ۾ نہ ڳالهايو. ٻئي پاسي شاهه سائين چيو آهي تہ ’هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار‘ يعني نہ صرف ڀالا هڻين وڙهو بلڪ ڀالا، تيغ ترارون نہ هجن تہ ڀاڪرين بہ وڙهو. يا هي سٽون آهن، ’هٿين چڪين، ڪاتِيين، وڙهج ويريءَ ساڻ‘ انور پيرزادي صاحب اها سٽ لطيف سائينءَ جي ڪري لکي آهي. ساڳي سٽ خليفي نبي بخش قاسم جي رسالي ۾ بہ ملي ٿي. اها يا ان کان اڳئين سٽ ’هو چوني تون مَ چئو، واتان ورائي‘ جو سنئون سڌو تضاد آهي. پر اهو تضاد شاعريءَ جي سونهن آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي خيال اهم آهن. ساڳيو تضاد اياز جانيءَ وٽ پڻ آهي. ڪٿي هو آسمان بدران زمين جي ڳالهہ ڪري ٿو، ۽ لکي ٿو:

ڇڏي آڪاسُ ، پنهنجا پير ڌرتيءَ تي ڌري ماڻهو،

تہ سج وانگر ٻري ماڻهو.

اياز جاني پنهنجي وائيءَ جي هن بند ۾ ’آڪاس‘ يعني آسمان ۽ ’زمين‘ استعارن طور ڪتب آندا آهن. جڏهن تہ هن ئي بند ۾ ’سج‘ جوابي استعارو آهي. انسان جڏهن آسمان يعني پهچ کان پري وارين شين کي ڇڏي زمين يعني دسترس ۾ موجود شين جي ويجهو ايندو تہ سندس ڪردار سج جيان اجرو، روشن ۽ مقدس ٿي پوندو. يعني خوابن ۽ خيالن جي خوبصورت ڪائنات مان نڪري فرد جڏهن حقيقت کي قبول ڪندو تہ ڪاميابي ماڻيندو، پوءِ ڀلي اها حقيقت ڇو نہ تلخ ۽ ڪڙي ئي هجي. حقيقت کان منهن موڙي فرار جو رستو اختيار ڪرڻ ۾ وقتي داخلي راحت تہ ملي سگهي ٿي، پر ان سان خارجي دنيا تبديل ڪانہ ٿيندي. خارجي دنيا جون تلخيون صرف ۽ صرف عمل سان ختم ڪري سگهجن ٿيون.

ٻئي پاسي هو لکي ٿو:

سفر ۾آ تہ هر آڪاش کان اڳتي وڃي ماڻهو،
تہ ماڻهوءَ کي مڃي ماڻهو.

هتي اياز جاني نہ صرف آڪاس يعني آسمان تائين وڃڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو بلڪ ان کان بہ اڳتي جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ اهو پڻ چوي ٿو تہ جيڪڏهن ماڻهو ايئن ڪري سگهيو تہ ٻيا ماڻهو ڪيس مڃيندا.

ڪارل مارڪس پنهنجي جدلياتي ماديت جي حوالي سان، پنهنجي سينٿيسز ۾ چيو آهي تہ، ”اوسر، هميشہ هيٺانهين کان مٿانهين طرف سفر ڪري ٿي.“(٧)

هيٺاهين کان مٿانهين طرف جو سفر ’تضاد‘ سان ڀريل هوندو آهي، ۽ ان تضاد ۾ بہ سونهن هوندي آهي. اياز جانيءَ جو فڪري تخيل پڻ هيٺان کان مٿانهين طرف سفر ڪندي نظر اچي ٿو.

اياز جانيءَ جي وائي جو هڪ بند آهي:

در نہ اورانگهي سگهي
گهر جي چائنٽ تي
پٿر تي وئي ڇوڪري
۽ ٻي وائي آهي:
نينهن جهڙي ڇوڪري

راج مان نڪري وئي
تي ويو هل ڳوٺ ۾
شينهن جهڙي ڇوڪري
راج مان نڪري وئي
تهمتن جي رات ۾
ڏينهن جهڙي ڇوڪري
راج مان نڪري وئي

ٿورو غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ڇوڪريءَ جو اهو ڪردار، جيڪو ڪي سال اڳ اياز جاني تخليق ڪيو؛ اهو بغاوت جو سوچي تہ پيو، پر گهر جي چائنٽ تي اچي پٽر تي وڃي ٿو ۽ گهر مان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. ڇو نٿو نڪري؟ يقيناً ان ۾ فيصلي جي قوت ناهي. گهران اٿي دروازي تي 'پٽر تي وڃڻ' واري ڪيفيت جو نفسيات جي حوالي سان ڇيد ڪبو تہ اسان کي معلوم ٿيندو ڇوڪريءَ جو اسهڻ هن جي اندر 'اِڊ' يعني خواهش جو پئدا ٿيڻ آهي. جنهن کي هن جي اندر جي 'ايگو' روڪي ڇڏي ٿي ۽ هوءَ کو فيصلو نٿي ڪري سگهي ۽ پٽر تي وڃي ٿي.

"فرائيڊ The Ego & The ID ۾ اڊ ۽ انا جي تشريح هِن طرح سان ڪئي آهي. انا فهم ۽ ذهني توازن جي نمائندگي ڪري ٿي. ان جي برعڪس اڊ صرف نفساني خواهشن جو مجمُوعو آهي. ان لاءِ ان ٻنهي جي وچ ۾ تعلق کي ائين سمجهي سگهجي ٿو جيئن هڪ گهوڙي سُوار گهوڙي جي قُوَت کي لغام وسيلي پنهنجي هٿ رکندو آهي. فرق صرف ايترو هُوندو آهي تہ گهوڙي سُوار جي قوت هُن جي پنهنجي هُوندي آهي جڏهن تہ 'انا' جي قوت اڌاري ورتل هوندي آهي."(٨)

نفسيات جي استادن جو اهو پڻ چوڻ آهي تہ فرد ۾ جيڪڏهن ڪا خواهش پئدا ٿيندي آهي، ۽ اها سماجي حوالي سان قبوليت جو ڳي ناهي هوندي تہ ان فرد جي انا يعني ايگو ان خواهش کي روڪي ڇڏي ٿي. پر جيڪڏهن خواهش تمام گهڻي شدت سان اپري ٿي تہ پوءِ اها ايگو جي روڪڻ تي بہ ناهي رڪبي ۽ فرد جي اندر ۾ موجود 'سپر ايگو' کي بيدار ٿيڻو پوندو آهي. جڏهن سُپر ايگو کان بہ اها خواهش ناهي پلبي تہ ان جي اندر ۾ موجود سمجهہ کان مٿانهين قوت سبب يا تہ اهو فرد ڏوهاري ٿي ويندو يا وري هاڪاري قوت جي ڪري فرد فنڪار يا شاعر ٿي ويندو آهي، پر جيڪڏهن اهو

تجربو بہ ناڪام ٿيو تہ فرد چريو ٿي ويندو آهي. اياز جاني هڪ هاڪاري شاعر آهي. سندس ڪردار جي اندر ۾ موجود خواهش ڪيترن سالن کان پوءِ فيصلو ڪري وٺي ٿو ۽ هو لکي ٿو:

نينهن جهڙي ڇوڪري
راج مان نڪري وئي
تي ويو هُل ڳوٺ ۾
شينهن جهڙي ڇوڪري
راج مان نڪري وئي
تهمتن جي رات ۾
ڏينهن جهڙي ڇوڪري
راج مان نڪري وئي

ساڳي ڇوڪري جيڪا ڪي سال اڳ گهر جي چائنٽ تي پٽر تي وڃي ٿي؛ اها ئي ڇوڪري گهر تہ ڇا پر 'راج مان نڪري وڃي ٿي.' راج مان نڪرڻ اياز جاني جو تخليق ڪيل هڪ اهڙو استعارو آهي، جنهن ۾ ڀرپور مزاحمت آهي. هتي هڪ ٻي ڳالهہ بہ اهم آهي تہ 'تهمتن جي رات ۾، ڏينهن جهڙي ڇوڪري، راج مان نڪري وئي' شاعر ڇوڪريءَ جي ڪردار کي ڏينهن جي چٽائي يا روشني/پاڪائي سان ڀيٽ ڪئي آهي، ۽ راج جي تهمتن کي ڪاري رات سڏيو آهي. رات جيڪا ظلمت جو استعارو آهي. هتي شاعر راج کي هڪ جهڙو ڪر ڪورٽ ۾ آڻي بيهاريو آهي تہ 'ڏينهن جهڙي ڇوڪريءَ جي راج مان نڪرڻ کان پوءِ راج ڪٿي استيندڙ ڪندو؟' ڇوڪريءَ جي اهڙي فيصلي کان پوءِ راج آبرو مند رهندو يا بي آبرو ٿيندو؛ اهو فيصلو راج کي ڪرڻو آهي.

اياز جاني جي ٻنهي واين جي تجزئي کان پوءِ هڪ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ هن جو فڪري سفر وقت سان گڏ پڪو ۽ پختو ٿيو. هن جي ڪردارن ۾ جرئت پئدا ٿي ۽ فيصلي ڪرڻ جي سگهہ ميڙي هن جا ڪردار فيصلو ڪري وٺن ٿا. جڏهن شاعر مضبوط اعصابن وارا ڪردار تخليق ڪندو تہ سماج هاڪاري پاسي هلڻ شروع ڪندو ۽ سماج ۾ ڪرندڙ قدرن کان پاڻ هرتو نفرت پئدا ٿي پوندي. اهائي هڪ شاعر جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي.

شاهہ محمد پيرزادي چيو هو تہ "اياز جاني قومپرستي واري رومانس تي ڏيمي

لهجي ۾ تنقيد ڪئي آهي: جنهن تي وڌيڪ ويچارڻ جي ضرورت آهي.“(۹)

هڪ پاسي اياز جانيءَ جي شاعريءَ جو فڪري پهلو سگهارو آهي تہ ٻئي پاسي هو فني لحاظ کان پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪري ٿو. سندس شاعريءَ جي فني پاسي تي راءِ ڏيندي شيخ اياز ’ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان‘ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ، ”اياز جاني مون وانگر سنڌيءَ جا مشدد لفظ بحر-وزن ۾ مشدد ڪري ڪم آڻي ٿو، جي مون کان اڳ ورلي ڪم آندا ويندا هئا.“(۱۰)

اياز جانيءَ جي شاعريءَ جو فني اڀياس ڪنهن وڏي تحقيق جو گهرجائو آهي. هتي آئون سندس هڪ وائي جا ڪجهہ بند پيش ڪريان ٿو، جنهن ۾ هڪ اميد آهي، جيڪا آجپي جي منتظر تہ آهي ئي پر ان ۾ فني حسناڪي پڻ ڪمال درجي جي آهي:

روشنيءَ جو آبشار
جاڳ جهرمر شاعري
مون رسالو پئي پڙهيو، رات ۾ هو انتشار
جاڳ جهرمر شاعري
پٽ ڪري ٿي پونءِ جي، آجپي جو انتظار
جاڳ جهرمر شاعري

روشنيءَ جي آبشار، جاڳ ۾ شاعريءَ جي جهرمر، شاهہ جي رسالي جو مطالعو، رات جو انتشار، پٽ پاران پونءِ جي آجپي جو انتظار سيئي اهڙا استعارا آهن، جن ۾ اميد، آس، خواب ۽ خواهش موجود آهي. هڪ هاڪاري شاعر پنهنجي سماج کي خوبصورت اميد، آس، خواب ۽ خواهشون ئي ڏئي سگهي ٿو، جن جي آڌار ڪو بہ سماج پنهنجي آئيندي جي دڳ جو تعين ڪري سگهي ٿو. اياز جانيءَ جي شاعريءَ ۾ اميد، آس، امن، خواب ۽ خواهشن جي جستجو اوس موجود آهي.

نتيجو:

اياز جانيءَ جي شاعريءَ جو مختصر تنقيدي جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ هو بنيادي طور تي جمالياتي شاعر آهي: جنهن ۾ پيار، امن، آجپو، سڪ، سيرت، ساڃاهہ، سچائيءَ سان گڏ: پنهنجي ڌرتيءَ واسين جو درد، ڏک، سور، تمنا ۽ سندن دل جي ڳالهہ بہ ملي ٿي. هو بنيادي طور تي رومانوي شاعر آهي:

جنهن وٽ فطرت نگاري اهم موضوع آهي. سندس شاعريءَ جي ٻين اهم موضوعن ۾ ڌرتيءَ جي دانهن، پيڙهيل طبقي جي سوچ، عالمي امن، پيار، سڪ، ڇڪ، وصل ۽ وڇوڙا بہ شامل آهن. هو لفظن ۾ احساس پرڻ جو فن ڄاڻي ٿو ۽ ان ڪري ئي سندس لفظ خالي استعارن، تشبيهن، تلميحن ۽ تمهيدن بدران جيئرا جاڳندا احساس کڻي پڙهندڙ کي اداس ڪري ڇڏين ٿا. هو فرد جي گهرن احساسن کي اونهائيءَ ۽ اوچائيءَ سان پيش ڪندڙ شاعر آهي.

حوالا

۱. تاج بلوچ، جديد ادب جو تجزيو، سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي، ۲۰۱۴ع، ص: ۱۰۷.

۲. ساڳيو حوالو.

3. Jerold Levinson, The Oxford hand book of Aesthetics, Oxford, 1992, P.4.

4. Malcolm Budd, The Aesthetic Appreciation of Nature, Oxford university press, N. York 2002 P.2.

5. Ralph Waldo Emerson, Nature, Boston and Cambridge, 1849. P..11

۶. جاني اياز، دراوڙ دل جي تنهائي، نئون نياپو اڪيڊمي، ۲۰۱۶ع، ص: ۳۰-۳۱.

۷. تاج بلوچ، جديد ادب جو تجزيو، سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي، ۲۰۱۴ع، ص: ۱۰۶.

۸. اختر سليم، ڊاڪٽر، ٽي عظيم نفسياتدان، سنڌي ترجمو، بيبي فاطم ابڙو، ۲۰۱۸، ص: ۴۳.

۹. حوالو، اياز جانيءَ جي ٽين ورسيءَ جي موقعي تي ڪيل تقرير، هنڌ، ملير، ڪراچي، تاريخ، جون، ۲۰۱۹ع.

۱۰. چانڊيو، مظفر، (سهيڙيندڙ) ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۱۹۹۳ع، ص: ۱۳۶.